باب
2

# مُنجهائيندڙ بيماريون

## بيماريون ڇو ٿين ٿيون؟

مختلف ملڪن ۾ مختلف پس منظر يا سوچ رکندڙ ماڻهن وٽ بيمارين ٿيڻ جا مختلف سبب آهن.



**هڪ ٻارڙي  کي دست ڇو ٿين ٿا پر ڇو؟**

**انلاءِ واهڻن ۾ رهندڙ** چوندا آهن ته والدين ڪا غلط ڳالهه ڪئي هوندي يا ڪنهن جي روح کي رنجايو هوندو.

**هڪ ڊاڪٽر** چوندو ته ٻار کي ضرور ڪو انفيڪشن ٿيو هوندو.

**هڪ پبلڪ هيلٿ آفيسر** چوندو، ممڪن آهي ته ڳوناڻن کي پاڻيءَ جي پهچ جو سٺو سرشتو موجود نه هجي يا اهي پائخاني (Toilet) جو استعمال نٿا ڪن.

**هڪ سماج سڌارڪ** چوندو، ان جو سبب زمين ۾ ملڪيت جي غير منصفاڻي ورڇ آهي، جنهنڪري ٻار غير صحتمند حالتن جو شڪار ٿي هر هر دستن جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿين ٿا.

**هڪ استاد** ان جو ڪارڻ تعليم نه هجڻ ٻڌائيندو.

ائين ماڻهو بيمارين جا ڪارڻ پنهنجن پنهنجن تجربن ۾ نظرين آهر بيان ڪن ٿا. ان جو صحيح سبب ڪير ٿو ٻڌائي؟ شايد ته سڀ صحيح آهن يا اهي ڪنهن حد تائين صحيح آهن اهو هن ڪري ته . . .

**عام طور تي بيماري ڪيترن ڪارڻن جي گڏ ٿيڻ سبب پيدا ٿئي ٿي.**


”منهنجو ٻار ڇو؟“

اهڙو هر هڪ ڪارڻ جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو ڪنهن حد تائين ٻار جي دستن ٿيڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو.

بيماريءَ جو بچاءُ ۽ ان جي ڪامياب علاج ڪرڻ سان توهانکي سڄي خبر پئجي سگهندي ته توهانجي علائقي ۾ڪهڙيون ڪهڙيون بيماريون عام آهن ۽ اهي ڪهڙا مجموعي ڪارڻ آهن جن سبب بيماريون ٿين ٿيون.

**هن ڪتاب مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ ۽ ڏسيل دوائن جي صحيح استعمال لاءِ توهانکي طبي سائنس جي نقطه نگاهه کان بيمارين ۽ انهن جي سببن جي ڪجهه ڄاڻ رکڻي پوندي. هن باب پڙهڻ سان توهانکي سرس ڄاڻ حاصل ٿي سگهندي.**

## مختلف قسمن جون بيماريون ۽ انهن جا ڪارڻ

جڏهن مختلف قسمن جي بيمارين جي بچاءَ ۽ انهن جي علاج لاءِ سوچيون ٿا تہ تڏهن اسان انهن بيمارين کي ٻن قسمن ۾ ورهايون ٿا: وچڙندڙ (infectious) ۽ اڻ وچڙندڙ (non infectious) :

**وچڙندڙ بيماريون،** هڪ فرد کان ٻئي فرد تائين پکڙجن ٿيون، تنهنڪري صحتمند ماڻهن کي اهڙن بيمار ماڻهن کان بچڻ گهرجي.

**اڻ وچڙندڙ بيماريون** هڪ فرد کان ٻئي فرد تائين نٿيون پکڙجن. انهن جي وچڙڻ جا ڪي ٻيا سبب ۽ طريقا ٿين ٿا، تنهنڪري اها ڄاڻ رکڻ ضروري ٿئي ٿي تہ ڪهڙيون بيماريون وچڙندڙ ۽ ڪهڙيون اڻ وچڙندڙ آهن.

## اڻ وچڙندڙ بيماريون- Non-infectious

اڻ وچڙندڙ بيمارين ٿيڻ جا ڪيترائي مختلف سبب ٿين ٿا. جڏهن تہ اهي ڪنهن بہ قسم جي روڳي جيوڙن بئڪٽيريا يا زنده جيوڙن، جيڪي عام طور تي جسم تي حملا ڪن ٿا، سبب نہ ٿيون ٿين. اهي هڪ فرد کان ٻئي فرد تائين بہ نہ ٿيون پکڙجن. ساڳئي وقت اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکجي تہ، ائنٽي بايوٽڪ يعني اهي دوائون جيڪي بيمارين جي جيوڙن کي مارڻ لاءِ استعمال ٿين ٿيون (ڏسو ص. 55)، اهي اڻ وچڙندڙ بيمارين جي علاج ۾ مددگار ثابت نہ ٿيون ٿين.

| |
|---|
| **ياد رکو تہ: اڻ وچڙندڙ بيمارين لاءِ ائنٽي بايوٽڪ دوائون ڏيڻ اجايون ۽ بيڪار آهن** |

### اڻ وچڙندڙ بيمارين جا مثال

| جسم ۾ ڪنهن خرابي يا ڳڙٻڙ سبب پيدا ٿيندڙ تڪليفون: | ڪن ٻاهرين سببن ڪري پيدا ٿيندڙ بيماريون: | جسم کي گهربل شين جي نہ ملڻ سبب پيدا ٿيندڙ بيماريون: |
|---|---|---|
| • سنڌن جو سور<br>• دل جو دورو<br>• مرگهيءَ جو دورو<br>• فالج<br>• اڌ مٿي جو سور<br>• موتيو پاڻي<br>• ڪينسر | • ائلرجي<br>• دم<br>• زهر<br>• نانگ جو چڪ<br>• تماڪ ڇڪڻ سبب ڪنگهہ<br>• معدي جي السر/زخم<br>• شراب | • اوڻي کاڌ خوراڪ<br>• رت جي کوٽ / پوڻائي<br>• پيلئگرا<br>• شب ڪوري ۽ اکين جي خشڪي<br>• ٻچيءَ جو ڳوڙهو ۽ پيدائشي ذهني معذوري<br>• جيري جو سڪڻ يا سِراسِ (ڪجهہ سبب) |

| پيدائشي بيماريون: | وهمي بيماريون: |
|---|---|
| • چپ چيريل<br>• ٽيڏائپ ۽<br>• ٻيا نقص<br>• مرگهي (ڪجهہ قسم)<br>• ذهني معذور ٻار<br>• ڄائي ڄم جا نشان | • اهو ڊپ/ وهم تہ ڪنهن ڳالهہ/ شئي سبب نقصان پهچي سگهي ٿو (جڏهن تہ ائين ناهي هوندو)<br>• ذهني پريشاني/فڪر<br>• جادو/ ٽوڻن تي ويساهہ<br>• اهڙو ڊپ جنهن لاءِ ماڻهو بيوس هجي |

## وچڙندڙ بيماريون - Infectious

وچڙندڙ بيماريون، بئڪٽيريا ۽ اهڙن ٻين قسمن جي روڳي جيوڙن سبب ٿين ٿيون. جيڪي ڪيترن طريقن سان پکڙجن ٿا. هتي ڪن اهڙن قسمن جي روڳي جيون ۽ انهن سبب پيدا ٿيندڙ بيمارين جا مثال ڏجن ٿا. جيڪي عام طور تي جسم کي نقصان پهچائي، بيماريون پيدا ڪن ٿا.

# وچڙندڙ بيمارين جا مثال

| بيماري پيدا ڪندڙ جيوڙو | بيماريءَ جو نالو | جيوڙو ڪيئن پکڙجي يا جسم ۾ پهچي ٿو | خاص دوائون |
|---|---|---|---|
| بئڪٽيريا (روڳي جيوڙا) | سلهه/ ٽي بي | هوا رستي (ڪنگهڻ سبب) | مختلف قسمن جي بئڪٽيريائي بيمارين لاءِ مختلف ائنٽي بايوٽڪ دوائون. |
| | ٽيٽنس | گندا زخم | |
| | ڪن قسمن جا دست | گندين آڱريون، ڪنو پاڻي، مکيون | |
| | نمونيا (ڪجهه قسم) | هوا رستي (ڪنگهڻ سبب) | |
| | پرميل، ڪلئمائيڊيا ۽ بادفرنگ | جنسي لاڳاپا / جماع رستي | |
| | ڪن جو سور | ليس، زڪام سبب | |
| | خراب ٿي ويل زخم | گندين شين لڳڻ سبب | |
| | پونءِ واريون ڦرڙيون | سنئين سڌي لاڳاپي سبب (ڇهاءُ) | |
| وائرس (بئڪٽيريا کان به ننڍڙا روڳي جيوڙا) | ليس، زڪام<br>ارڙي، ملي ، لاڪڙو،<br>ٻارن جو فالج،<br>وائرس سبب ٿيندڙ دست | ڪنهن اهڙي بيمار فرد جي ڪنگهڻ، هوا ۽ مکين رستي وغيره | ائسپرين ۽ اهڙيون ٻيون سور ماريندڙ دوائون (اهڙيون ڪي به دوائون ڪونهن جيڪي وائرس کي اثرائتي طريقي سان ختم ڪري سگهن. ائنٽي بايوٽڪ دوائون بيڪار ثابت ٿين ٿيون) جڏهن ته وئڪسين رستي ڪن وائرسي بيمارين جو بچاءُ ڪري سگهجي ٿو. |
| | ربيبز/ چت ڪُتائپ | جانور جي چڪ رستي | |
| | مسا | ڇهڻ سان | |
| فنگس | ڏڍ<br>پير جي ڏڍ Athlete's Foot<br>ڇڏن جي خارش jock itch | ڇهڻ سان يا ڪپڙن رستي | گندرف ۽ سرڪي جون ملمونِ: اندي سائلينڪ، بينزوائڪ، سئلي سائيلڪ ائسڊ، گريسيوفلون |
| ڪينئان (جسم اندر رهندڙ جيوڙا / ڪينئان) | آندي ۾:<br>ڪينئان<br>مختلف اميبيا<br>(سوري) | ڪرفتي جو وات تائين پهچڻ<br>صفائي سترائي نه رکڻ | مختلف مخصوص دوائون |
| | رت ۾: ملئريا | مڇر جي چڪ رستي | ڪلوروڪوئين (يا ملئريا جون ٻيون دوائون. |
| جسم جي متاڇري تي رهندڙ جيت | جئون<br>جئي، ڪارڙا<br>منگهڻ<br>اسڪئبي خارس جا جيوڙا | بيمار ماڻهوءَ سان لاڳاپو رکڻ يا ان جا ڪپڙا پائڻ سبب | جيت مار دوائون<br>لنڊئن |



بئڪٽيريا، ٻين ڪيترن روڳي جيوڙن جيان ڪيترن مختلف قسمن جون بيماريون پيدا ڪن ٿا ۽ ايترا ننڍڙا ٿين ٿا جو خوردبين کانسواءِ ڏسي نٿا سگهجن. خوردبين ننڍين شين کي وڏو ڪري ڏيکاري ٿي، جڏهن ته وائرس، بئڪٽيريا کان به ننڍا ٿين ٿا.

ائنٽي بايوٽڪ (جهڙوڪ پينسلين ۽ ٽيٽراسائيڪلن) اهڙيون دوائون آهن جيڪي بئڪٽيريا سبب پيدا ٿيندڙ ڪن بيمارين کي ختم ڪن ٿيون. جڏهن ته وائرسن سبب ٿيندڙ بيمارين تي ائنٽي بايوٽيڪ دوائن جو اثر نٿو ٿئي جهڙوڪ: ليس، زڪام، ملي ۽ ارڙي وغيره. تنهنڪري وائرسي بيمارين جو ائنٽي بايوٽڪ دوائن سان علاج نه ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اهي فائدي بجاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون. (ڏسو ائنٽي بايو ٽڪ، ص. 55).

## اهڙيون بيماريون جن جي سڃاڻپ ڪري نہ ٿي سگهجي:

ورلي، ڪي اهڙيون بيماريون جن جي ٿيڻ جا مختلف ڪارڻ ۽ علاج ٿين، اهڙا مسئلا ۽ تڪليفون پيدا ڪري وجهن ٿيون، جيڪي بلڪل هڪ جهڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا جهڙوڪ:



**(1) هڪ اهڙو ٻار جيڪو آهستي آهستي ڳرندو پر سندس پيٽ وڏيڪ سجندو وڃي ٿو تنهنڪي هيٺين مان ڪو بہ هڪ (يا ڪيترائي) مسئلا ٿي سگهن ٿا:**

- اوٽي ڪاڏي جو شڪار (ڏسو ص. 112).
- پيٽ ۾ جام ڪيئان (round worms) هجن، ڏسو ص. 140. (عام طور تي ساڳئي وقت اوٽي ڪاڏي جو بہ شڪار هجي ٿو).
- سلهہ جو پراڻو مرض (ص. 179).
- ڊگهي وقت ڪانوني پيشاب سرشتي جو ڪو سخت انفيڪشن (ص. 234).
- جيري يا تريءَ جو ڪو گنڀير مسئلو.
- رت جي ڪينسر (ليڪوميا).



**(2) هڪ اهڙو پيرسن فرد جنهن جي مري تي هڪ وڏو ڪليل ۽ آهستي آهستي وگهرندڙ زخم هجي، ممڪن آهي تہ:**

- ڦنديل (Varicose) نسن يا اهڙن ڪن ٻين سببن جي ڪري سندس رت جي دوري ۾ گڙٻڙ پيدا ٿي هجي، (ص. 213).
- ذيابيطس يا مٺا پيشاب (ص. 127).
- هڏي جو انفيڪشن (آسٽيومائيلائيٽس osteomyelitis).
- ڪوڙهہ (ص. 191).
- چمڙيءَ جي سلهہ (ص. 212).
- پراڻو بادفرنگ (ص. 237).

جيئن تہ اهڙي هر بيماريءَ جو علاج مختلف ٿئي ٿو، تنهنڪري انهن جي صحيح علاج لاءِ انهن جي صحيح سڃاڻپ ڪرڻ ضروري ٿئي ٿي.

شروعات ۾ ڪيتريون بيماريون هڪ جهڙيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پر جيڪڏهن انهن جي سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ مريض کان صحيح سوال پڇجن ۽ اها بہ خبر هجي تہ ڪهڙيون ڳالهيون ڏسڻ گهرجن، تہ ائين ڪرڻ سان توهانکي جيڪا ڄاڻ حاصل ٿيندي ۽ نشانيون نظر اينديون انهن جي مدد سان توهانکي مرض سڃاڻڻ ۾ مدد ٿي سگهندي.

هن ڪتاب ۾ ڪيترين بيمارين جي هسٽري (اها ڪيئن ۽ ڪڏهن شروع ٿي) ۽ نشانيون ٻڌايون ويون آهن. پر ساڳئي وقت اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ بيماريون سدائين ساڳيون يا اهي نشانيون ظاهر نہ ٿيون ڪن جن جو هتي ذڪر ڪيو ويو آهي يا اهڙيون نشانيون منجهائيندڙ بہ ٿي سگهن ٿيون. **ڏکين بيمارين جي حالت ۾ عام طور تي ڪنهن ماهر هيلٿ ورڪر يا ڊاڪٽر جي مدد جي ضرورت پوي ٿي**. ورلي بيمارين جي صحيح سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ ڪن خاص تپاسن/ ٽيسٽن ڪرائڻ جي بہ ضرورت پوي ٿي.

**پنهنجيءَ حد اندر رهي ڪم ڪريو!**
**هن ڪتاب جي استعمال ڪانپوءِ بہ توهان ڪي غلطيون ڪري سگهو ٿا. جنهن ڳالهہ جي توهانکي ڄاڻ نہ هجي ان لاءِ دعويٰ نہ ڪريو. جيڪڏهن پڪ نہ هجي تہ اها ڪهڙي بيماري آهي ۽ ان جو ڪهڙو ۽ ڪيئن علاج ڪجي يا جڏهن ڪا سنگين بيماري هجي تڏهن طبي مدد حاصل ڪجي.**

# عام طور تي منجهائيندڙ بيماريون يا جنڪي ساڳئي نالي سان سڏيو وڃي ٿو

عام طور تي ماڻهو پنهنجين بيمارين کي جن نالن سان سڏين ٿا، اهي نالا تڏهن ڪان عام آهن جڏهن نه ته ڪنهنکي ڪنهن روڳي جيوڙي يا بئڪٽيريا جي خبر هئي ۽ نه انهن دوائن جي، جن رستي انهن جو علاج ڪيو وڃي ٿو. اهڙيون مختلف قسمن جون بيماريون جن سبب ٿلهي ليکي ته هڪ جهڙيون تڪليفون پيدا ٿينديون هيون جهڙوڪ: ' تيز بخار' يا 'پاسي ۾ سور' سي عام طور تي ساڳئي نالي سان سڏيون وينديون هيون ۽ دنيا جي ڪيترن حصن ۾ اهي نالا اڄ به مروج آهن. شهري ڊاڪٽرن کي نه ته اهڙن نالن جي خبر هجي ٿي ۽ نه ئي اهي نالا استعمال ڪن ٿا. جنهن سبب ورلي عام ماڻهو اهو ئي سمجهي ٿو ته ڊاڪٽر اهڙين بيمارين جو علاج نٿو ڪري سگهي. تنهنڪري هو اهڙين **گهريلو بيمارين** جو علاج يا ته جڙين ٻوٽين رستي يا گهريلو ٽوٽڪن رستي ڪن ٿا.

اصل ۾ اهڙيون ڪيتريون گهريلو يا عام بيماريون اهي ئي آهن جيڪي ميڊيڪل سائنس ۾ ڊاڪٽر پڙهن ٿا، پر انهن جا رڳو نالا مختلف هجن ٿا.

**ڪيترين بيمارين لاءِ گهريلو ٽوٽڪا ڪارائتا ثابت ٿين ٿا. جڏهن ته ڪيترين لاءِ جديد دوائون وڌيڪ اثرائتيون ۽ زندگي بچائيندڙ ثابت ٿين ٿيون.** ائين خاص طور تي ڪيترين خطرناڪ بيمارين جهڙوڪ: نمونيا، ٽائيفائيڊ، سلهه يا ويم ڪرڻ ڪانپوءِ ٿي پوندڙ انفيڪشنن لاءِ جديد دوائون وڌيڪ اثرائتيون ثابت ٿين ٿيون.

اهو سمجهڻ لاءِ ته ڪهڙين بيمارين جي علاج لاءِ واقعي جديد دوائن جي ضرورت ٿئي ٿي ۽ اهو فيصلو ڪرڻ ته ڪهڙيون دوائون استعمال ڪرڻ گهرجن، **انلاءِ اها ڄاڻ رکڻ ضروري ٿئي ٿي ته سڪيا ورتل هيلٿ ورڪر ۽ هن ڪتاب ۾ انهن بيمارين کي ڪهڙي نالن سان سڏيو وڃي ٿو.**

**جيڪڏهن توهانکي هن ڪتاب ۾ ان بيماريءَ جو نالو، جيڪو توهان ڏسڻ چاهيو ٿا، ملي نه سگهي ته اها ٻئي نالي سان ڳولهيو يا ان باب ۾ ڏسو جنهن ۾ لڳ ڀڳ ساڳئي قسم جي مسئلي جو بيان ڪيل آهي. ان لاءِ فهرست ۽ ڏسٽي استعمال ڪريو.**

جيڪڏهن توهانکي پڪ ناهي ته اها ڪهڙي بيماري آهي، خاص طور تي جڏهن اها گنڀير قسم جي محسوس ٿيندي هجي، تڏهن طبي مدد حاصل ڪجي.

هن باب جي باقي حصي ۾ انهن عام ۽ رسمي نالن جا مثال ڏنا ويا آهن جيڪي عام طور تي ماڻهو استعمال ڪن ٿا. طبي سائنس جي لحاظ کان جيڪي بيماريون مختلف آهن تن کي عام ماڻهو ساڳئي نالي سان سڏي ٿو.

ان لحاظ کان، هر هڪ ملڪ يا ان علائقي جي بيمارين جا نالا ڏئي نٿا سگهجن جتي جتي هي ڪتاب استعمال ۾ ايندو تنهنڪري هتي اهي ئي نالا ڏنا ويا آهن جيڪي ويسٽرن ميڪسيڪو جا ڳوٺاڻا استعمال ڪن ٿا ۽ اهي ڪتاب جي اسپئني ايڊيشن ۾ آيل آهن. جيڪي نالا توهان استعمال ڪريو ٿا اهي انهن کان مختلف ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته دنيا جي ڪيترن مختلف حصن جا ماڻهو پنهنجين بيمارين کي ساڳئي انداز ۾ بيان ڪن ٿا، تنهنڪري هتي جيڪي مثال ڏنا ويا آهن ان رستي توهانکي اها ڳالهه سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهندي ته ماڻهو بيمارين کي نالو ڪيئن ٿا ڏين.

ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته هيٺ ڏنل بيمارين لاءِ توهان جا ماڻهو ڪهڙا نالا استعمال ڪن ٿا؟ جيڪڏهن توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته اهي اسپئني نالي ڪانپوءِ لکي ڇڏيو.

توهانجي علائقي ۾ ان جو نالو: ________________

## بيمارين جي مقامي نالن جا مثال:

اسپئني نالو: **اِمپاچو** (EMPACHO، **آندي جو بند ٿي وڃڻ**) توهانجي علائقي ۾ ان جو نالو: ________________



طبي لحاظ کان اِمپاچو جي معنيٰ آهي آندي جو بند ٿي يا ٻنججي وڃڻ. جڏهن ته ميڪسيڪو جي ڳوٺن ۾ هر اها بيماري جنهن سبب معدي ۾ سور ٿئي يا دست ٿي پون تنهن کي امپاچو سڏيو وڃي ٿو. عام طور تي اهو ئي سمجهيو وڃي ٿو ته وارن جو ڇڳو يا اهڙيءَ ڪنهن ٻيءَ شئي سبب آندي جو هڪ حصو بند ٿي وڃي ٿو. اتان جا ماڻهو ان جو ذميوار ڏائڻين يا بد روحن کي سمجهندا ۽ ان جو طلسمي علاج ڪندا آهن، جنهن لاءِ پيٽ تي گلاس اونڌو ڪري رکندا آهن. (ڏسو تصوير) ورلي، ڏاهو (Folk healer) پيٽ تي وات رکي وارن جو مڇڪو يا ڪندا چوسي ڪڍڻ جي ڳالهه ڪندا آهن.

اهڙيون مختلف قسمن جون بيماريون جن سبب پيٽ جو سور يا تڪليف پيدا ٿئي ٿي، تن کي امپاچو سڏيو وڃي ٿو ۽ اهي آهن:

- دست يا سوري جنهن سان گڏ پيٽ ۾ وٽ به پون (ص. 153).
- پيٽ جا ڪينئان (ص. 140).
- اوٽي ڪاڏي سبب پيٽ جو سڄڻ (ص. 112).
- بدهاضمو يا معدي جي السر / ڦٽ (ص. 128).
- ۽ ورلي جڏهن واقعي آندي ۾ وڪڙ/ روڪ يا اپينڊيسائيٽس ٿي پوي (ص. 94).

اسپئني نالو: **ڊولور ڊي اِجار** (Dolor De Ijar، پاسي جو سور) توهانجي علائقي ۾ ان جو نالو: ________________



ڪنهن به عورت کي پيٽ جي ڪنهن به پاسي پونڌڙ سور کي هن نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ورلي، اهڙو سور وڳهري پنيءَ جي وچ يا هيٺين حصي تائين به پهچي وڃي ٿو. هن سور ٿيڻ جا هيٺيان سبب ٿي سگهن ٿا.

- پيشاب سرشتي جو انفيڪشن (جنهن ۾ بڪيون، مثانو ۽ ان سان ڳنڍيل نليون اچي وڃن ٿيون) (ڏسو ص. 234).
- پيٽ جا وڏ/ وڪڙ يا باديءَ سبب پونڌڙ سور (ڏسو ص. 153).
- ماهواريءَ جو سور (ڏسو ص. 245).
- اپينڊيسائيٽس (ڏسو ص. 94).
- ڳيبرڻ يا آنيدانين ۾ انفيڪشن، سست (پاڻيٺي ڳوڙهي) يا ٽيومر (ماسدار ڳوڙهي) جو پيدا ٿيڻ، (ڏسو ص. 243) يا جڏهن ٻي جايو هنڌ تي حمل ٿيو هجي (ڏسو ص. 280).

اسپئني نالو: **لا ڪنجسشن** (LA Congestion)    توهانجي علائقي ۾ انجو نالو: ________________

ڪا بہ اهڙي اوچتي پريشاني يا بيماري جنهن سبب طبعيت گهڻي خراب ٿي وڃي، تڏهن ميڪسيڪو جا ڳوناٺا ان حالت کي لاڪنجسشن سڏين ٿا. انهہ:

مٿي جو



ڇاتيءَ جو



معدي جو



يا سڄي جسم جو ٿي سگهي ٿو



پانيو وڃي ٿو تہ ماڻهو لاڪنجسشن جو تڏهن شڪار ٿين ٿا جڏهن اهي ويم ڪانپوءِ، پرهيز ڪرڻ بجاءِ کي 'اهڙا ڪاڌا' (ڏسو ص. 123)، ڪائين ٿا جن لاءِ کين منع ڪيل هجي، يا جڏهن ڪا دوا ورتي وڃي يا جڏهن ليس بخار ۽ ڪنگهہ ٿي پوي ٿي. اصل ۾، **اهڙن ڪاڌن ڪائڻ سان عام طور تي ڪا تڪليف پيدا نہ ٿي ٿئي** ۽ اهي جسم جي ضرورت لاءِ گهربل بہ ٿين ٿا، پر جيئن تہ ماڻهو انهن سبب ڊپ ۾ رهن ٿا، ان سبب اهي استعمال نٿا ڪن تہ متان کين لاڪنجسشن نہ ٿي پوي.

اهڙن مختلف قسمن جون بيماريون جنکي ورلي **لا ڪنجسشن** سڏيو وڃي ٿو، سي آهن:

- وائي، جيڪا ڪِنن ڪاڌن ڪائڻ سبب ٿئي ٿي، جنهنڪري اوچتو الٽي شروع ٿئي ٿي ۽ ان ڪانپوءِ دست، وٽ ۽ ڪمزوري ٿي پوي ٿي (ڏسو ص. 135).
- ائلرجيءَ جو سخت ردعمل: اهڙا فرد جيڪي ڪن ڪاڌن لاءِ حساس ٿين (جهڙوڪ: شيل فش ۽ چاڪليٽ وغيره). جڏهن کي دوائون ڪائين، پينسلين جي انجيڪشن هڻائين، جنهن سبب کين الٽي، دست، تڏا پگهر، ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف، خارش، دٻڙ ۽ سخت بيچينيءَ (ڏسو ص. 166) جهڙيون حالتون پيدا ٿين ٿيون.
- معدي يا پيٽ جي اوچتي خرابي: (ڏسو دست. 153) الٽي، (ص. 161) اڪيوٽ ائبدامن / پيٽ جو شديد سور (ص. 93).
- ساهہ کڻڻ ۾ اوچتي يا گنڀير تڪليف: دمہ (ص. 167)، نمونيا (ص. 171) يا جڏهن نڙيءَ ۾ ڪا شئي ڦاسي پئي هجي (ص. 79).
- بيماريون جن سبب دورا پون يا اڏ رنگو ٿي پوي: ڏسو دورا (ص. 178)، ٽئٽينس (ص. 182)، گردن ٽوڙ (ص. 185)، پوليو (ص. 314) ۽ فالج / اسٽروڪ (ص. 327).
- دل جو دورو: عام طور تي پيرسنن کي ٿئي ٿو (ص. 325).

اسپئنسي نالو **لا تيدو** (Latido، ڇڪي پوڻ)    توهانجي علائقي ۾ ان جو نالو: ________________

لاطيني آمريڪا ۾ ڇڪيءَ پوڻ کي **لا تيدو** جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جڏهن تہ اصل ۾ اهو، شاهہ شريان (aorta) جو دهڪو آهي. شاهہ شريان هڪ وڏي رت نلي آهي ۽ دل کان اچي ٿي. اهڙو دهڪو ان فرد ۾ سولائيءَ سان محسوس ڪري سگهجي ٿو جيڪو گهڻو سنهڙو ۽ بکايل هجي. لا تيدو عام طور تي اڻ پوريءَ غذا واپرائڻ جي نشاني آهي (ص. 112) يا بک جي! جنهن جو رڳو ۽ رڳو علاج پيٽ پري سنو ڪاڌو ڪائڻ آهي (ڏسو ص. 110 ۽ 111).

ميڪسيڪو جي ڳوناڻن مطابق، سستي ٿيڻ جو سبب اوچتو ڊپ، جادوءَ، ٽوڻن ڦيڻن يا بدروح جو اثر ٿيڻ آهي. سستي جو شڪار فرد گهڻو حساس ۽ ڊپ ۾ رهي ٿو، ڪيس ڏڪڻي ٿي سگهي ٿي، عجيب نموني ورتاءُ ڪري ٿو، ننڊ ڪري نٿو سگهي، وزن گهٽائي ڇڏي ٿو ته مري به سگهي ٿو.

## سستي جون هيٺيون ممڪن طبي وضاحتون ٿي سگهن ٿيون:

1- ڪيترن فردن لاءِ سستو، ڊپ يا هسٽيريا واري حالت هجي ٿي، جنهن جو هڪ سبب 'وهم' يا 'انڌو عقيدو' ٿي سگهي ٿو. (ڏسو ص .4) مثال طور: هڪ اهڙي عورت جنهن کي اهو خوف هجي ته ڪو مٿس جادو ڪري ڇڏيندو، سدائين پريشان ۽ ڊپ ۾ رهي ٿي، نه سني نموني کائي ۽ نه ئي سمهي سگهي ٿي. آهستي آهستي ڪمزور ٿيندي وڃي ٿي ۽ سندس وزن گهٽجي وڃي ٿو. اهڙين ڳالهين سبب سمجهي ٿي ته مٿس جادوءَ جو اثر ٿي چڪو آهي، جنهن سبب هوءَ اجان به وڌيڪ پريشان ۽ ڊپ ۾ رهي ٿي. ائين سندس سستي واري حالت وڌيڪ ابتر ٿيندي وڃي ٿي.

2- ابهمن ۽ ننڍڙن ٻارن ۾ عام طور تي سستي جي حالت مختلف ٿئي ٿي. پوائتن خوابن ڏسڻ سبب اهڙو ٻارڙو ننڊ ۾ رڙيون ڪري ٿو يا ڊپ ۾ جاڳي ويهي ٿو. ڪنهن به بيماريءَ ۾ ٿيندڙ تيز بخار سبب سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سياءُ عجيب ٿي وڃي ٿو (وقلڻ لڳي ٿو). هڪ اهڙو ٻار، جيڪو عام طور تي پريشان لڳي ۽ سندس حرڪتن مان پريشاني ظاهر ٿيندي هجي، ممڪن آهي ته اڻ پوري کاڌ خوراڪ جو شڪار هجي (ص. 112). ورلي، ٽيٽينس (ص. 182) يا گردن توڙ (ص. 185) جي شروعاتي نشانين کي پڻ سستي جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

## علاج:

جڏهن **سستو،** ڪنهن مخصوص بيماري سبب ٿيو هجي تڏهن ان بيماريءَ جو علاج ڪرڻ گهرجي. اهڙي فرد کي بيماريءَ جا ڪارڻ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪجي. جيڪڏهن ضرورت محسوس ڪجي ته طبي مدد به حاصل ڪجي.

جڏهن **سستي** ٿيڻ جو سبب ڊپ هجي تڏهن اهڙي فرد کي آٿت ڏجي ۽ سمجهائجي ته سندس ڊپ ئي اصل مسئلي جو ڪارڻ آهي، جنهن لاءِ ورلي طلمسي علاج ۽ گهريلو ٽوٽڪا ڪارائتا ثابت ٿين ٿا.

جيڪڏهن اهڙو ڊنل فرد تڪڙا ۽ گهرا ساهه کڻندو هجي تڏهن ممڪن آهي ته، ساهه رستي سندس جسم کي گهٽي هوا ملي رهي آهي، جيڪا پڻ سندس تڪليف جو هڪ سبب ٿي سگهي ٿي.

## گهڻو ڊپ يا هسٽيريا جنهن سان گڏ تڪڙا ۽ اونها ساهه به کڻجن (Hyperventilation)

### نشانيون:




- اهڙو فرد شديد ڊپ جي حالت ۾ رهي ٿو.
- تڪڙا ۽ اونها ساهه کڻي ٿو.
- سندس دل تيز دهڪندي رهي ٿي.
- منهن، هٿ يا پير سُن يا ڪانداريل رهن ٿا.
- مشڪن جون ڳيڙيون پون ٿيون.

### علاج:



- ♦ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي اهڙي فرد کي سانت ۽ سڪون ۾ رکو.
- ♦ ڪاغذ جي ٿيلهي منهن تي ڏئي کيس آهستي آهستي ساهه کڻڻ لاءِ چئو. ائين کيس 2 يا 3 منٽن تائين ساهه کڻندي رهڻ لاءِ چئجي. عام طور تي ائين ڪرڻ سان اهو فرد سڪون ۾ اچي ويندو.
- ♦ کيس سمجهائجي ته اها ڪا خطرناڪ ڳالهه ناهي ۽ هو جلد ٺيڪ ٿي ويندو.

# نالن سبب پيدا ٿيندڙ غلط فهميون

هن صفحي تي اسان جن ٻن بيمارين ”ڪينسر ۽ ڪوڙهه“ جا مثال ڏنا آهن، تن مان اها خبر پوي ٿي ته اهي طبي ورڪرن لاءِ هڪڙيون، ته ڳوناٽن لاءِ ٻيون معنائون رکندڙ آهن، جنهن سبب ڪيتريون غلط فهميون پيدا ٿين ٿيون.

> **غلط فهميءَ کان بچو، بيماريءَ جي نشانين ۽ هسٽريءَ کي ذهن ۾ رکندي ان مطابق علاج ڪريو ۽ نه ڪي ان ڳالهه ڌيان ڏيو ته ٻيا ان کي ڪهڙو نالو ڏين ٿا.**

اسپئني نالو: **ڪينسر** (Cancer) توهانجي علائقي ۾ ان جو نالو: ________________

ميڪسيڪو جا ڳوناٽا چمڙيءَ جي ڪنهن به قسم جي سنگين انفيڪشن کي خاص طور تي جڏهن اهڙو ڦٽ گهڻو خراب (ص. 88) ٿي ويو هجي يا گئنگرين (ص. 213) هجي، تڏهن انکي ڪينسر جي نالي سان سڏين ٿا.

طب جي جديد اصطلاح مطابق ڪينسر ڪو انفيڪشن نه پر جسم جي ڪنهن به حصي ۾ ٿيندڙ هڪ قسم جي غير رواجي/ غير معمولي واڌ يا ڳوڙهي آهي. اهڙي عام قسمن جي ڪينسر جن ڏانهن توهانکي ڌيان ڏيڻ گهرجي. اهي آهن:

چمڙيءَ جي ڪينسر (ص. 211)



ڇاتيءَ جي ڪينسر (ص. 279)



ڳيرڙ يا آنيدانين جي ڪينسر (ص. 280)



توهانجي جسم جي ڪنهن به حصي ۾ پيدا ٿيندڙ ڪا به اهڙي سخت ۽ آهستي وڌندڙ ڳوڙهي جنهن ۾ سور نه هجي، ڪينسري ٿي سگهي ٿي. عام طور تي ڪينسر خطرناڪ ثابت ٿئي ۽ ان لاءِ آپريشن ڪرائڻي پوي ٿي.

## ڪينسر جي شروعات جو شڪ جي ته هڪدم طبي مدد حاصل ڪريو

اسپئني نالو: **ليپرا،** (LEPRA) **ڪوڙهه** توهانجي علائقي ۾ ان جو نالو: ________________



هن ٻار کي امپيٽائِگو آهي ۽ نه ڪي ڪوڙهه.

ميڪسيڪو جا ڳوناٽا ڪنهن به ڪليل ۽ وگهرندڙ ڦٽ کي ليپرا سڏين ٿا، جنهن سبب مونجهارو پيدا ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته، ميڊيڪل ورڪر اهو اصطلاح رڳو اصلي ڪوڙهه (Hansen's disease ص. 191) لاءِ استعمال ڪن ٿا. جڏهن ته جن قسمن جي ڦٽن/ ناسور کي ليپرا سڏيو وڃي ٿو. اهي آهن:

- ڦلوڪٽا / ڦِروڙي (Impetigo) ۽ چمڙيءَ جا ٻيا زخم (ص. 202)
- جيتن جي چڪ ۽ اسڪئبيز خارس سبب پيدا ٿيندڙ زخم (ص. 199)
- چمڙيءَ جا پراڻا زخم يا چمڙيءَ جي السر جا اهي زخم جيڪي رت جي دوري جي گهٽتائيءَ سبب پيدا ٿين ٿا. (ص. 213)
- چمڙيءَ جي ڪينسر (ص. 211)
- ڪنهن حد تائين ڪوڙهه (ص. 191) يا چمڙيءَ جي سلهه (ص. 212)

# بخار پيدا ڪندڙ مختلف بيمارين جي غلط سڃاڻپ

اسپئنسي نالو: **لافيبري** (La fiebre، **بخار، تپ**)    توهانجي علائقي ۾ ان جو نالو: ________________



اصل ۾ بخار ان حالت کي سڏجي ٿو جڏهن **جسم جي گرمي عام رواجي پد کان وڌي وڃي ٿي**. جڏهن ته لاطيني آمريڪا ۾ اهڙيون ڪيتريون بيماريون جن سبب بخار ٿي پوي ٿو، تن کي لافيبري يا بخار جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

اهڙين بيمارين جي ڪامياب علاج يا بچاءَ لاءِ ضروري آهي ته انهن جي سڃاڻپ ڪئي وڃي.

هت ڪجهه اهڙين خاص شديد بيمارين جو ذڪر ڪجي ٿو، جن جي بخار هڪ خاص نشاني آهي. هينين چارٽ ۾ **بخار جو نمونو** (وڌڻ ۽ گهٽجڻ) ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو هر بيماريءَ جو مخصوص ٿئي ٿو.

ليڪ مان بخار جي وڌڻ ۽ گهٽجڻ جي خبر پوي ٿي    ملئريا بخار جو انداز




## ملئريا / سيءَ جو تپ– Malaria: (ڏسو ص. 186)

شروع ۾ ڪمزوري، ڏڪڻي ۽ بخار ٿئي ٿو، جيڪو چند ڏينهن تائين ٽيندو ۽ لهندو رهي ٿو. بخار وڌڻ سان ڏڪڻي ٿئي ٿي ۽ پگهر اچڻ سان لهي وڃي ٿو. ان ڪانپوءِ هر ٻئي يا ٽئين ڏينهن چند ڪلاڪن لاءِ بخار ٿئي ٿو. جڏهن ته باقي ڏينهن تي اهڙو فرد گهڻي ڀاڱي ٺيڪ رهي ٿو.

بخار روزانو آهستي آهستي وڌي ٿو    ٽائفائيڊ بخار جو انداز




## ٽائفائيڊ / مُدي جو تپ – Typhoid: (ڏسو ص. 188)

شروع ۾ ليس زڪام جيان لڳي ٿو. روزانه بخار ڪجهه وڌندو رهي ٿو. نبض نسبتاً جهڪي هلي ٿي. ورلي دست ۽ سوڪهڙو به ٿي سگهي ٿو. جسماني ڏڪڻي يا وڦل به ٿي سگهي ٿي. اهڙو فرد گهڻو بيمار ٿئي ٿو.

## ٽائيفس – Typhus: (ڏسو ص. 190)

ٽائفائيڊ جيان لڳي ٿو، ارڙي جيان داڻا نڪرن ٿا ۽ جسم تي هلڪيون Bruses ٿي پون ٿيون.

عام طور تي بخار هلڪو رهي ٿو    هيپيٽائيٽس بخار جو انداز




## هيپيٽائيٽس – Hepatitis: (ڏسو ص. 172)

اهڙي فرد جي بک مري وڃي ٿي. سندس کائڻ يا تماڪ ڇڪڻ تي دل نه ٿي ڪري. الٽي ڪرڻ چاهي ٿو ۽ اوڪارا ٿين ٿا. اکيون ۽ چمڙي پيلي ۽ پيشاب نارنگي يا ناسي ته ڪرفتي سفيد ٿي وڃيس ٿي. ورلي، جيرو وڌي وڃي ۽ ڇهڻ سان ڏکندڙ لڳي ٿو. هلڪو بخار رهي ۽ اهڙو فرد گهڻو ڪمزور ٿي وڃي ٿو.

نمونيا بخار جو انداز




## نمونيا – Pleumonia: (ڏسو ص. 171)

ساهه تڪڙا ۽ تراڪڙا ٿي وڃن ٿا. بخار هڪدم تيز ٿي وڃي ٿو، کنگهڻ سان سائو، پيلو يا رت هڻو بلغم خارج ٿئي ٿو. ڇاتيءَ ۾ سور به ٿي سگهي ٿو. اهڙو فرد گهڻو بيمار هجي ٿو.

سنڌن جي سور جي بخار جو انداز




## سنڌن جو سور – Rheumatic fever: (ڏسو ص. 310)

ننڍا ٻارڙا ۽ 12 کان 19 سالن جي عمر جا وڏا ٻارڙا وڌ ۾ وڌ شڪار ٿين ٿا. سنڌن ۾ سور ۽ تيز بخار ٿئي ٿو. گهٽي پاڳي نڙيءَ جي پچڻ، گلي جي تڪليف ڪانپوءِ هيءَ بيماري شروع ٿئي ٿي. ڇاتيءَ ۾ سور سان گڏ ساهه کڻڻ جو عمل تراڪڙو ٿي وڃي ٿو يا اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته ٽنگون ۽ ٻانهون بي ضابطي هلنديون رهن.

بروسيليوسس بخار جو انداز

بخار لهرن جي صورت ۾ ٻنپهرن جو تيز ۽ رات جو گهٽ ٿئي ٿو




## بروسليوسيس – Brucellosis: (ڏسو ص. 188)

بروسليوسيس جنهنکي انديولئنٽ فيور ۽ مالٽا فيور (Undulant fever, Malta fever) جي نالي سان به سڏجي هڪ اهڙي قسم جي تڪليف آهي جيڪا ٽڪ، متي ۽ هڏن ۾ سور سان آهستي آهستي شروع ٿئي ٿي. عام طور تي رات جو بخار ۽ پگهر جام اچي ٿو. ڪجهه ڏينهن لاءِ بخار لهي وڃي ٿو ۽ وري ٿي پوي ٿو. اهڙو سلسلو ڪيترن مهينن يا سالن تائين هلندو رهي ٿو.

وير جي بخار جو انداز




## وير جو بخار – Childbirth fever: (ڏسو ص. 276)

وير ڪرڻ کان هڪ يا ٻه ڏينهن پوءِ شروع ٿئي ٿو. شروع ۾ هلڪو بخار ۽ پوءِ تيز ٿي وڃي ٿو. گرڀ (Vaginal) ناليءَ مان بدبودار مادو خارج ٿئي ٿو. سور ۽ ورلي رت به اچي سگهي ٿي.

**اهي سڀ بيماريون خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿيون.** انهن بيمارين ڪانسواءِ جن جو هتي ذڪر ڪيو ويو آهي، اهڙيون ٻيون به ڪيتريون بيماريون آهن جن جون ساڳيون نشانيون ۽ بخار ٿي سگهي ٿو. مثال طور: اهڙا بخار جيڪي هڪ مهيني کان متي عرصي تائين هلن يا رات جو پگهر اچن، اهي ائڊس جي وائرس (HIV) (ڏسو ص. 399) جي بيماريءَ سبب ٿي سگهن ٿا. اهڙي حالتن ۾ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، طبي مدد حاصل ڪجي.